# مرلي چنراءِ

چيئرمن، ڪيولرام چئنراءِ گروپ، سنگاپور

مئنيجنگ ٽرسٽيِ، جسلوڪ هاسپيٽل ۽ ميڊيڪل سينٽر، ممبئيِ



Murli Chanrai

*Chairman,* ‘Kewalram Chainrai Group’, Singapore,

*Managing trustee,* Jaslok Hospital & Medical Centre, Mumbai

سنڌي جاتيءَ جو شاندار ماضي، ورهاڱي جو قهر، جَڙُنِ کان
پٽجڻ ۽ هند ۾ پيهر وسجڻ لاءِ ڪشمڪش، توڙي اَڄ جيَ ڀارت
کي اَڏڻ لاءِ سنڌي هندن جو
يوگدان، سماجي بهبوديءَ لاءِ قائم ڪيل اِسڪول، ڪاليج،
اِسپتالون ۽ ديش جي وڪاس لاءِ برپا ڪيل ڪارخانا؛ اهو سڀ
اِتهاس جو اَهم حصو آهي.

هڪ سنڌي خاندان آهيچنراءِ، جنهن سنڌ جون حدون لتاڙي دنيا
جي الڳ الڳ ملڪن ۾ پنهنجي ڪامياٻين جا خيما کوڙيا.
ايڏي جدوجهد ۽ ايڏي جفاڪشي ڪا معمولي ڳالهه ناهي. اُن
هيڏي ساري سنگهرش جو ويجهو کان درشن ماڻڻ لاءِ اڄ اسين
ملون ٿا هڪ اَهڙي ئي شخصيت، **شري مرلي چنراءِ** سان
جيڪو ايڪاسي سالن جي عمر ۾ ٻه جوانن جيان ڪاريه
ڪندڙ آهي.

ڪيولرام گهنشامداس چنراءِ جو نورچشم؛ هڪ اَهڙي خاندان
سان تعلق رکي ٿو، جنهن تقريبا ڏيڍ سؤ سالن کان دنيا جي اَلڳ
اَلڳ ملڪن ۾ وڃي ڪاروبار لاءِ ڪوٺيون کوليون ۽ پنهنجي
لگن ۽ محنت سان اِتهاس ۾ نوان ورق جوڙيا .

**جوَهراڻي:** **سائين! توهان جو هاردڪ سواگت آهي! توهان جو جنم سنڌ جي سر زمين تي ٿيو آهي. پاڻيان ٿو ته سنڌ ڇڏڻ مهل توهين سنڌي سانيڙ ۾ هوندا. اُتان جون ڪجهه حسين يادگيريون پنهنجي ڪٽنب پريوار ۽ ڪاروبار بابت ڪجهه ٻڌائيندا؟**

**چنراءِ:** اَسين حيدرآباد، سنڌ ۾ رهندا هئاسون. منهنجو جنم اُتي ٿيو. منهنجا ڀائر، ڀينر، سؤٽ اَسين سڀ اُتي ئي رهندا هئاسين.

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي مهل توهان جي عمر ويهه پنجويهه سال کن مس هوندي؟**

**چنراءِ:** ها رام! **برابر** ورهاڱي مهل منهنجي عمر پنجويهه سال هئي!

**جوَهراڻي:** **توهين اَصل حيدرآباد جا آهيو !**

**چنراءِ:** بلڪل صحيح! اُتي ئي ’نو ودياليه اِسڪول‘ ۾ پڙهيس. پوءِ مئٽرڪ لاءِ ’نولراءِ هيرانند اَڪيڊمي‘ ۾ ويس. اَسان جو ڪاروبار سنڌ واري وقت کان ئي ٻاهر هلندڙ هئو. بامبي، مدراس، آفريڪا، جبرالٽر، ڪينهري آئلنڊ، ويسٽ آفريڪا، نائجيريا، گهانا، سيئرالون، ڪولون، پاناما ۽ سائوٿ آمريڪا ۾ پٿ هئو. پر اُتي پوءِ دوريءَ سبب بند ڪرڻو پيو.

**جوَهراڻي:** **اَسان اِتهاس ۾ پڙهيو آهي ته سنڌورڪي مال جا غوراب پرائي ڏيساورن ۾ ويندا هئا. اُن کي سوين سال ٿيا! توهان ڪيتري وقت کان پنهنجو ڪاروبار ٻاهرين ملڪن سان جوڙيو؟**

**چنراءِ:** سؤ سالن کان مٿي ٿيا! اَسان جا جيڪي جهونا ليٽرهيڊ آهن، اُنهن تي لکيل آهي ’Established in 1860‘. دراَصل اَسان وٽ اُتان جي مئنيجر سان ڪيل لکپڙه جو رڪارڊ ۱۸۹۳ع واري وقت کان اڃ به موجود آهي.

**جوَهراڻي:** **ڇا ورهاڱي جو اَثر ٻين سنڌين وانگر اَوهان جي پريوار تي به پيو؟**

**چنراءِ:** جيئن مون ٻڌايو ته اَسان جو ڌنڌو واپار سنڌ ۾ ڪونه هو؛ باقي اُتي اَسان جون جايون، جڳهيون ۽ ٻنيون وغيره هيون. اُهي اَسين ڇڏي آياسين. اُنهن جي عيوض اَسان کي ڪجهه نالي ماتر ڪليم

مليا. اهو اَسان جو نقصان ٿيو.

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي وقت لڏپلاڻ ۾ اَسان جي سيپيتا ۽ ٻوليءَ کي ڇڱو نقصان رسيو. ڇا اهو هاڃو اَوهان ٻاهرين ملڪن ۾ به محسوس ڪيو؟**

**ڇنراءِ:** ها! مان پنهنجو مثال ٿو ٻڌايان. آءٌ ١٩٤٨ع ۾ سيئرالون، ويسٽ آفريڪا ويو هوس. مون کي اُن وقت ٻه ٻار هئا. اُن وقت اَسين سنڌي ڳالهائيندا هئاسون. ڪجهه سالن کان پوءِ اَسين بمبئي آياسين. منهنجي مرضي هئي ته آءٌ پنهنجن ٻارن کي اِنڊيا ۾ پاڙهيان، ته جيئن هوُ هتان جي سيپيتا ۽ سنسڪارن کان واقف ٿين. اَسان جا ماتا پتا، هتي هئا. مون اُنهن وٽ پنهنجا ٻار ڇڏيا. هو سني اِسڪول ۾ پڙهڻ لڳا. سال ٻن کانپوءِ جڏهن اَسين آياسين، ته ٻارن کان اَصل سنڌي وسري ويئي هئي. اِسڪول هئا اَنگريزي ميڊيم ۽ ٻار اَسان سان به اَنگريزي يا هنديءَ ۾ ڳالهائيندا هئا. اَسان جا اَمي ۽ دادا به ٻارن سان هندي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا هئا.

**جوَهراڻي:** **توهان جي پتا صاحب جو ته يقينا سنڌي ٻوليءَ ڏانهن وڏيڪ لاڙو هوندو! ڇا اها منهنجي سوچ صحيح آهي؟**

**ڇنراءِ:** ورهاڱي کانپوءِ جڏهن اَسين هتي آياسين، ته پتا وٽ گهڻي ئي سنڌي ٻوليءَ جا شيپ چنتڪ آيا ته اَهڙو ڪو رستو ڪڍجي، جيئن سنڌي ٻولي قائم رهي! اَسين ان ڳالهه سان شامل راءِ آهيون! اَسان جي پتا هر ممڪن ساٿ ڏيڻ جو واعدو ڪيو!

**جوَهراڻي:** **چيو ويندو آهي ته ٻولي جيئري آهي ته جاتي جيئري آهي!**

**ڇنراءِ:** برابر! پر اُن وقت مون پنهنجي پتا کي چيو، ته” دادا! اَسين جتي ڪٿي سڄي هندوستان ۾ پکڙجي ويا آهيون. منهنجي صلاح آهي ته اَسين سنڌيءَ کي ڇڏي جنهن شهر ۽ اِسٽيٽ ۾ رهون ٿا، اُن سان اَسين Merge ٿي وڃون. اُنهن جي ٻولي ڳالهايون ته سٺو ٿيندو؛ نه ته ته ٻارن کي سنڌي، مراٺي، هندي سڀ سکڻيون پونديون! اهو ٻارن لاءِ تمام گهڻو بار ٿي پوندو!

پر هينئر هيترن سالن کانپوءِ محسوس ٿو ڪريان ته اها منهنجي

ڀُلَ هئي! مونکي پنهنجي پتا کي ساڙ ڏيڻ کپندو هئو؛ تہ جيڪر سنڌيءَ جو وڏيڪ ۽ وڌيڪ پرچار ٿئي ها!

**جوَهراڻي:** **ڇا ڀوليءَ سان گڏ توهان جي رهڻي ڪرڻيءَ ۾ بہ ٻاهرين ملڪن جي سڀيتا جو وڌيڪ اَثر ٿيو؟**

**چنراءِ:** نہ! اُهو ساڳيو ئي رهيو! ساڳيو کاڌو، ساڳي رهڻي ڪرڻي! رات جو ڪڙتو پاجامو پائي سمهڻ. اُن زماني ۾ زالون بہ پنهنجا سنڌي ڪپڙا يا ساڙهيون پائيندڀون هيون. پوءِ تہ وڏو ڦيرو اَچي ويو. اَسان جا ٻار، اُتي اِنگلنڊ ۽ آمريڪا ۾ پڙهيا. پر پوءِ بہ گهڻي ڀاڱي سنڌ ورڪين ،ٻاهر رهي ڪنهن نہ ڪنهن نموني پنهنجي سڀيتا بچائي رکي آهي. جتي ڪٿي مندر کوليا اَٿن. جتي سنڌي گهڻائيءَ ۾ آهن، تہ اُتي اِسڪول بہ کوليا اَٿئون. اَسان جا جوان سمجهن ٿا تہ اهو سڀ ڪجهہ اَجايو آهي. ڇو تہ اُهي ڇاوا نپنا ٿي اِنڊيا کان ٻاهر آهن. اُنهن جو پالڻ پوشڻ ئي اَهڙي نموني ٿيو آهي. باقي اَسان جا ٻار پنهنجن وڏن کي اَچا تائين پيرين پئي گڏبا آهن. وڏن کي سني عزت ڏيندا آهن!

**جوَهراڻي:** **مونکي پرسرام 'ضيا' جو شعر ٿو ياد اچي:**

**اَصل وسريو، نقل تي ڪن ناز ٿا،**

**ڪٿي پرواءِ پَرَ، ديوانا ڪن پرواز ٿا!**

**عام طور اِهو ڏٺو ويو آهي تہ جيڪي سنڌي هندوستان کان ٻاهر وڃي رهيا؛ اُنهن مان گهڻن تہ پنهنجا نالا بہ بدلائي ڇڏيا. اهو بدلاءُ توهان جي پريوار سان لاڳو آهي؟**

**چنراءِ:** نہ! اَسان جي ٻارن جا نالا ساڳيا آهن!

**جوَهراڻي:** **نالي مٽائڻ وقت حالتن جي مجبوري هئي يا اهو هڪ نئون شوق هئو؟**

**چنراءِ:** مان سمجهان ٿو تہ شايد اها هڪ Trend هئي! پر اُن کان بہ وڏو سبب اِهو هئو، تہ اَسان جا سنڌي نالا اُتان جي لوڪل ماڻهن لاءِ ٿورا ڏکيا هئا. تنهن ڪري جڏهن ٻارن اِسڪول ۾ داخلا پئي ورتي، تہ

سهوليت خاطر Westernised نالا پئي ٿيندا ويا. مرليءَ پاڻ کي 'Mike' سڏائڻ شروع ڪيو. ڊيويداس 'David' ٿي ويو!

**جوَهراڻي:** **اَوهان جي پريوار ۾ اهو بدلاءُ نہ آيو! اُن جو سبب ڪهڙو؟**

**چنراءِ:** وڏن کان مليل سنسڪار هئا! مون ڏٺو آهي تہ جيڪي هندوستاني اَصل ويسٽ انڊيز ۾ ويا هئا؛ اُنهن نہ صرف پنهنجا نالا بدلايا، پر پنهنجو ڌرم بہ بدلائي ڇڏيو! اَسان سنڌين ۾ اَڃا تائين ايڏي تبديل ڪونہ آئي آهي. هو گهڻو ڪري هر سال هندوستان اَچن ٿا. جيڪي ٻار سنڌي نٿا ڳالهائي سگهن، تہ وڏا اُنهن کي هندوستان وٺي ٿا اَچن؛ جيئن سنڌي ٻولي نہ، تہ گهٽ ۾ گهٽ هندوستاني سڀيتا جي ڪين ڄاڻ ملي!

**جوَهراڻي:** **توهان هتي پارٽ ۾ ڪيتريون Charitable Organizations برپا ڪيون آهن؟ جيئن بمبئي ۾ جسلوڪ اِسپتال. اَهڙي نموني بمبئيءَ کان ٻاهر هندوستان جي ٻين شهرن ۾ بہ اَوهان ڪجهہ اِدارا برپا ڪيا آهن؟**

**چنراءِ:** پهرين پهرين تہ مان ٻڌائي ڇڏيان تہ جيڪا جسلوڪ اِسپتال آهي؛ اُها منهنجي اَنڪل دادا لوڪومل نهرائي هئي. اُن جي گهر واريءَ جو نالو جسوتي هئو، تنهن ڪري نالو بہ 'جسلوڪ' رکيو ويو. اُنهن کي ڪوبہ اولاد ڪونہ هئو. اُنهن پنهنجي سموري ملڪيت Charity ۾ ڏني ۽ اَسان پائرن ۽ پاڻتين کي چيائون، تہ ''بابا هيءُ توهان کي سنڀالڻو آهي!'' ٻيا بہ منهنجا ڪجهہ سؤٽ ٽرسٽي آهن. باقي اها هاسپيٽل اَسان ڪونہ نهرائي آهي! اَسين صرف سنڀاليندا آهيون!

**جوَهراڻي:** **بمبئيءَ ۾ جسلوڪ هاسپيٽل کان سواءِ ڪنهن ٻئي شهر ۾ بہ اَوهان جي ڪا اِسپتال يا اِسڪول وغيره آهي؟**

**چنراءِ:** بامبي ۾ جسلوڪ آهي. هتي چيمبور ۾ بہ وويڪانند ايڊيوڪيشن ٽرسٽ وارن کي اَسان ٻن ڪاليجن ٺاهڻ لاءِ مدد ڏني آهي. هڪڙو اَسان جي پتا جي نالي تي آهي ۽ ٻيو اَسان جي ماتا جي نالي تي آهي.

**جوَهراڻي: مدد تہ شايد توهان گهڻن ئي سنستائن کي ڪئي آهي؟جيئن اُلهاس نگر ۾ توهان سيوا نڪيتن اِسپتال ٺهرائي آهي!**

**چنراءِ:** اُلهاس نگر ۾ ’شيوا نڪيتن هاسپيٽل‘ آهي. ڀوپال جي بئراڳڙہ ۾ ’جيو سيوا سنستا‘ کي اِسڪول جوڙڻ توڙي غريبن لاءِ گهر وني ڏيڻ لاءِ مدد ڪئي ويئي آهي.

**جوَهراڻي: ١٩٧٣ ۾ جسلوڪ اِسپتال برپا ٿيڻ مهل اُن جو سٺو اوچ هئو. اُن وقت مئنيجمينٽ سنڌين جي هٿن ۾ هئي. هينئر آهستہ آهستہ اُن ۾ بہ ڪجهہ غير سنڌي آيا آهن! ڇا ان جو سبب وقت جي ڪمي ۽ گهٽ ڌيان ڏيڻ آهي يا اهو سڀ ڪجهہ لاپرواهيءَ جو نتيجو آهي؟**

**چنراءِ:** مئنيجمينٽ ۾ سنڌي اَڳي بہ ڪير ڪونہ هئو! ڀهريون ميڊيڪل ڊئريڪٽر هئو ڊاڪٽر شانتي لال ۽ چيئرمن هئو دادا مترداس! اَسان جو ڀڦڙ! اَسين ٻيا ٽرسٽي هئاسون. مئنيجمينٽ ۾ غير سنڌي بہ هئا ! باقي جيڪي بہ سنڌي قابل ڊاڪٽر اَسان وٽ آيا، اَسان اُنهن کي جڳهہ ڏني. اَڄ بہ جيڪڏهن قابليت ۾ برابريءَ وارا ڊاڪٽر آهن، تہ اَسين سنڌي ڊاڪٽرن کي وجهہ ڏيندا آهيون!

**جوَهراڻي: مان ٻڌايان ٿو تہ اَڄ جسلوڪ جو ڀهريون اَوچ ڪجهہ گهٽيل آهي. ڇا اهو صحيح ناهي؟**

**چنراءِ:** نہ! اَوچ اَڃا بہ آهي! فرق رڳو اِهو آهي تہ هينئر ساڳي Quality جون ٻيون هاسپيٽلس بہ ٺهي ويون آهن. اُنهن جي ڀيٽ ۾ جسلوڪ ڪجهہ پراڻي لڳي سگهي ٿي! باقي Equipments جيڪي اَسان وٽ آهن، اَڃا تائين گهڻين Hospitals ۾ اُهي ڪونہ آهن! اَسان جا ڊاڪٽر بہ نمبر وَن آهن ۽ تمام قابل آهن!

**جوَهراڻي: توهان نائجيريا ۾ اُتان جي لوڪل ماڻهن لاءِ ڪجهہ اِسڪالرشپس ڏيڻ چالو ڪيون آهن. اهو صرف دان پڇ جي خيال کان يا لوڪل ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ ٺاهڻ لاءِ ؟**

**چنراءِ:** رام! اِهو سچ آهي تہ اَسان اهو سڀ رڳو دان پڇ لاءِ نہ ڪيو آهي! اَسان جي ڀاونا ڇيرٽي لاءِ بہ آهي، پر ساڳئي وقت اُتان جي سرڪار ۾ پبلڪ ۾ نالو ٿئي؛ اِها بہ مراد پئي رهي آهي!

ٻڌايانوَ تہ منهنجي سؤٽ جو پٽ آهي 'Jackie' جڳديش! جيڪو نائجيريا ۾ سماج لاءِ ڪُهن ڪم ڪيو آهي، ٻيو ڪو هن جي ويجهو بہ نٿو پهچي سگهي!

**جوَهراڻي: جڳديش صرف نائجيريا وارن لاءِ يا اُتي جي سنڌين لاءِ بہ ڪجهہ سماجڪ ڪم ڪيا آهن؟**

**چنراءِ:** نہ! نہ! صرف نائجيرين لاءِ! سنڌي تہ اَڳي ئي سُکيا آهن!

**جوَهراڻي: توهان جو شايد طئہ ڪيل آهي تہ پنهنجي ڪمائيءَ جو پنج سيڪڙو هر سال ڇيرٽيءَ ۾ ڏيندا آهيو! اهو صحيح آهي؟**

**چنراءِ:** برابر! صحيح ٿا چئو!

**جوَهراڻي: اها رقم گهڻا ڪروڙ ٿيندي؟**

**چنراءِ:** اهو ڪونہ ٻڌائي سگهبو! ايشور جي ديا سان گهڻو ڪجهہ آهي. ايتري پڪ آهي تہ اَسان جا ٻار بہ سنڀالي سگهندا ۽ پرمپرا کي چالو رکندا!

**جوَهراڻي: توهان پنهنجن وڏن کان مليل سنسڪار پنهنجي نئدي پيڙهيءَ کي بخوبي ڏنا آهن. ڇا اُنهن جو بہ اُن پراچين سنسڪارن جي ورثي ۾ چاهہ آهي؟**

**چنراءِ:** بلڪل! اُنهن جو بہ چاهہ آهي! اَصل ۾ اَسان جا ٻار بہ تہ گروپ ۾ Shareholders آهن. اُنهن ڇيو تہ هيءُ ڇيرٽيءَ جو ڪم آَهي. اَسان جي شيئر مان بہ پنج سيڪڙو وٺو. پر ان ڪاريہ جي سنڀال اَوهان ياٽرن کي ڪرڻي آهي. منهنجو وڏو ڀاءُ دادا دامودر داس آهي. ٻيو نمبر گرڌر داس جيڪو ١٩٩٨ع ۾ گذر ڪري ويو. آءٌ ٽيون نمبر آهيان. منهنجو ننڍو ڀاءُ پيتامبر آهي.

ايشور جي ديا سان اَسان جي ڀاڳ ۾ ٻَڌي ڏاڍي سُني آهي. ان ڪري ڪنيل جوابداري بخوبي نڀايون پيا. ٻَڌي اِن ڪري ٿي

ٿئي، جو پهرين فيمليءَ جي وڏي کي اُها بَدي ڏيکارڻي پوي ٿي. اَسان جي دادا دامودر داس جيڪي قربانيون ڪيون؛ تن اَسان پائرن ۾ ڏاڍي بَدي پيدا ڪئي. هينئر اَسان جا ٻار، پائر ۾ سؤٽ بہ پاڻ ۾ ڏاڍي بَديءَ سان پيا هلن.

**جوَهراڻي:** **اَوهان جي وڏن هڪ سؤ سالن کان جيڪا Empire قائم ڪئي. اُن جي اَوائلي دور ۾ هاڻوڪي دور جو اَوج ڇا ساڳيو آهي؟**

**چنراءِ:** اَسان ان کي ڪجهہ وڌايو آهي! پر تهيل نڪيل جيڪڏهن نہ ملي ها، تہ برابر ايترو ڪم ڪونہ ڪري سگهجي ها!

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي کان پوءِ توهان جو ڪڏهن سنڌ وڃڻ ٿيو؟**

**چنراءِ:** ها! ١٩٦٨ع ۾ منهنجي ڌيءَ شادي ڪئي؛ ڪراچيءَ جي هڪ هندو ڇوڪري سان! اها Mehtani فيملي آهي . اُنهن پاڪستان ڪونہ ڇڏيو. هنن کي اُتي پنهنجو بزنس آهي. هوُ اُتي سُکيا وينا آهن. جڏهن بہ موقعو ملندو هئو تہ اَسين ڪراچيءَ ويندا هئاسون. ڪڏهن آءٌ اڪيلو تہ ڪڏهن گهر واري ۽ ٻار بہ هلندا هئا.

هڪ دفعي ١٩٧٢ع ۾ منهنجي نانيءَ چيو، تہ

”ديدي! حيدرآباد هلندا؟“

مون چيو، ”مرضي تہ ڏاڍي اَٿم.“

اُن وقت Canadians ڪراچيءَ کان حيدرآباد تائين هڪ نئون رستو ٺاهيو هئو. اُن رستي تان تمام ٿوري وقت ۾ وڃي پهتاسين.

ڏاڍي Dis-appointment ٿي! ڇو تہ اَسان جڏهن حيدرآباد ڇڏي هئي تہ اُن مهل صرف هڪ لک آبادي هئي. ١٩٧٢ع ۾ تمام Over-Crowded. اَسين پنهنجي گهر وياسون. اُتمچنداڻي پاڙي ۾ وياسين. هيڏان نياپو موڪليوسين، تہ ڪنهن مهل هيءُ اَسان جو گهر هوندو هئو ۽ اَسين ڏسڻ ٿا چاهيون! قدرتي ان گهر ۾ هينئر بہ سنڌي مسلمان رهيل هئا. يڪدم هيٺ لهي آيا.

چيائون، ”اَچو مٿي!“

سڄو گهر ڏيکاريائون. ڪاڏي لاءِ ڏاڍو زور پريائون. پر اَسين ڪاڏو ڪائي نڪتا هئاسين. باقي چانهہ ڪولڊ ڊرنڪ وغيره پيتيسين!

جيڪي ننڍي هوندي جا اُتي يار هوندا هئا مسلمان؛ اُنهن لاءِ پڇيوسين، تہ ”فلاڻو جيئرو آهي!“ نيٺ ڳولهي ڳولهي هڪ ڄڻو لڌوسين! پريان ڏٺائين، تہ ڀاڪر پائي اَچي گڏيو ۽ ڏاڍي پيار سان مليو!

**جوَهراڻي:** **توهان کي سڃاتائين؟**

**چنراءِ:** ها سڃاتائين! چيائين، ”اَوهين هندوستان ڇو ويا ؟ هتي وينا هجو ها تہ اَسين بہ توهان سان گڏ سُکيا هُجون ها. جيڪي پنجابي، بهاري ۽ يوپيءَ وارا آيا آهن، اُنهن تہ اَسان جي ستياناس ڪري ڇڏي آهي!“

مون چيو، ”يار! هاڻي تہ ڪونہ اَچي سگهنداسين! اَسين بمبئيءَ ۾ سُکيا وينا آهيون!“

**جوَهراڻي:** **اَسان جي ساهتيڪارن کي اَچا بہ اُميد آهي تہ اَسان کي سنڌ واپس ملندي! اَسين وري واپس سنڌ ويندا سين! توهان جو ڇا رايو آهي؟**

**چنراءِ:** اُن جو مدار آهي اَسان جي Politicians تي! پاڪستان ۽ هندوستان جي اَڳوانن تي !

**جوَهراڻي:** **حالتون سڌريون ٿين ۽ اَسان کي واپس سنڌ هلڻو پوي تہ ڇا توهين هند ڇڏي سنڌ وري هلي وسائيندا؟**

**چنراءِ:** مان نہ تہ پاڻيان، تہ اَسين ڀيهر سنڌ ويندا سين!

**جوَهراڻي:** **نہ ويندا سين!**

**چنراءِ:** نہ ! ڇو تہ بمبئي ۾ اَسين سُکيا وينا آهيون! ڏاڍو ڏکيو آهي! پنجاهہ سٺ سالن ۾ اَسين هاڻ هتي Settle ٿي ويا آهيون. وري پاڻ کي Up-root ڪري واپس وڃڻ ممڪن ناهي!

**جوَهراڻي:** **اَسان جا ليکڪ جيڪي سنڌ گهمي اَچن ٿا، اُهي تہ اُتان جي سنڌي مسلمانن جو اسان لاءِ سِڪ قرب ۽ عزت جو ذڪر ڪن ٿا!**

**چنراءِ:** برابر! پر ڪيڏي بہ حُب يا سِڪ هجي؛ مان جيڪر واپس ڪونہ

وڃي رهڻ چاهيان! مون ڪي تہ جيڪڏهن پونا بہ موڪلين تہ مان ڪونہ ويندس!

**جوَهراڻي:** **هينئر اَسان جي پنهي ملڪن جون سرڪارون ويجهيون آيون آهن. اُن مان سنڌين کي ڪجهہ لاڀ ٿيندو؟**

**چنراءِ:** اَسين ڀڳوان کي اِها پرارٿنا ڪري رهيا آهيون تہ ”شال ٻنهي ديشن کي ڪجهہ لاڀ ٿئي!“

ٿيندو، نہ ٿيندو! ان جي خبر ڀڳوان کي! جيڪڏهن ڪجهہ سمجهوتو ٿي پوي، تہ ٻنهي ملڪن جو ڪيڏو ناڻو، جيڪو سرحدن جي رکشا تي خرچ ٿو ٿئي؛ اُهو پبلڪ جي ڀلي، تعليم، پاڻي، ڪاڌي ۽ صحت جي ڪم اَچي سگهي ٿو! ان نموني ٻنهي ديشن جي وڪاس ۾ وڏو فرق پئجي سگهي ٿو!

**جوَهراڻي:** **ٻاهرين ملڪن ۾ اَسان جي سنڌين ٻارن کي پنهنجي سڀيتا صحيح ڍنگ سان ڏني آهي يا نہ؟**

**چنراءِ:** گهڻي ڀاڱي ڏني آهي! جيڪي اَسان جا ٻار سنڌي بہ ڪونہ ڳالهائي سگهندا آهن؛ مائٽ اُنهن ٻارن کي ور ور ڪري سال ۾ هڪ اَڌ دفعو هندوستاني سڀيتا سان واقف ڪرڻ لاءِ وٺي ايندا آهن.

**جوَهراڻي:** **ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي ٻارن جون مائٽيون هتي هندوستان ۾ ڪن ٿا، پنهنجي ڪمائي هتي موڪلين ٿا. اهو ڏيکاري ٿو تہ ڪين پنهنجي ملڪ هندوستان سان پيار آهي!**

**چنراءِ:** مان ٻڌائڪ نٿو هڻڻ چاهيان! پر اَسان جي سنڌين، هندوستان لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو آهي. پهرين پهرين بامبي منجهہ Ownership تي جڳهين ٺاهڻ جي شروعات سنڌين ڪئي. جيئن تہ ڪولابا ۾ ’سنڌ چيمبرس‘ ۽ چرچ گيٽ تي ’اونرس ڪورٽ‘. تنهن کان پوءِ ٻيون ڪيڏيون جڳهيون نهيون.

**جوَهراڻي:** **تہ چئبو تہ مالڪيءَ جي جڳهيون ٺاهڻ جي نئين Trend بہ سنڌين ئي ڏني!**

**چنراءِ:** نہ صرف ايترو؛ پر سنڌين جئہ هند ڪاليج ، ڪي. سِي. ڪاليج ۽

نيشنل ڪاليج پڻ برپا ڪيا!

**جوَهراڻي:** **سنڌين جي ايترين شيوائن جي باوجود ڇا هندوستان گورنمينٽ اُنهن جي پرگهور صحيح نموني لڌي آهي؟**

**چنراءِ:** مان ننڍو پانيان! ڪجهه سال اَڳ مان پوپال ويو هوس ته هڪ مسلمان فيملي پنهنجو وڏو شاهي محلات ڇڏي پاڪستان ويئي هئي. اُن ۾ ڪجهه سنڌي رهيل هئا. سالن جا سال پوءِ اوچتو ئي اوچتو اُهي مسلمان واپس آيا. پنهنجا گهر گُهرڻ لڳا ته سيني سنڌي ويهه پنجويهه فئملين کي ٻاهر ڪڍيائون. اُن وقت پوپال جي 'جيوَ سنسٽا' جا بانيڪار آيا ۽ جن سنڌين جي اُنهن حالتن کان واقف ڪرايو ۽ مدد ڪرڻ لاءِ وينتي ڪئي. اَسان کان جيڪا مدد ٿي سگهي، اُها اَسان ڪئي.

**جوَهراڻي:** **اَسان جا ڪيترا NRIs پنهنجي سموري ڪمائي هندوستان ۾ سيڙائڻ لاءِ غير ملڪي ناڻو موڪلين ٿا! ڇا اُهي سڀ گڏجي هندوستان جي سرڪار مٿان اهو زور بار نٿا آڻي سگهن ته اُتي رهندڙ سنڌين کي به ٻين جاتين جيان ساڳيا حق ڏنا وڃن؟**

**چنراءِ:** اُهو ڪم اُنهن جو آهي ، جيڪي سنڌي هندوستان ۾ رهن ٿا! اُنهن جو فرض آهي ته NRIs کي پاڻ سان گڏ ڪري سرڪار کي Presentation ڏين، ته هي اَسان جون گهرجون آهن! اَسان وٽ ايل. ڪي. آڏواڻي جهڙا اَڳوان آهن. اُهي اَسان کي ضرور مدد ڪري سگهن ٿا!

**جوَهراڻي:** **ٻاهرين ملڪن ۾ جيڪي سنڌي مسلمان وڃيSettle ٿيا آهن؛ ڇا اُتي اُنهن سان به اَوهان جو ڪجهه ميل ميلاپ آهي؟**

**چنراءِ:** سنڌي مسلم Settle ٿيل اَسان ڪونه ڏٺو آهي. جيئن اَسان هندن ڪيو آهي، تيئن نه! پر نوڪرين ۾ آهن! سنگاپور جي هاءِ ڪميشن ۾ چار پنج سال ٿيا ته هڪ سنڌي، اُن مشن جو هيڊ ٿي آيو هئو. مان اُن وقت 'Indian Merchants Chamber' جو چيئرمن هوس. مون کي فون ڪيائين، ''مان توهان سان ملڻ ٿو چاهيان!'' آيو ته اَچي مون سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايائين. مان ڪجهه عجب ۾ پئجي ويس.

پر ڏاڍي خوشي ٿي. بينظير ڀٽو آئي هئي سنگاپور ۾ پنهنجي گهوٽ سان. هوءَ پاڻ تہ پريزيڊنٽ سان ويٺي هئي، پر سندس گهوٽ اَسان واري ٽيبل تي ويٺو هئو. مون سنڌيءَ ۾ ڳالهايو مانس. ڏاڍو خوش پئي ٿيو!

**جوَهراڻي:** **آمريڪا ۾ ‘Alliance of Sindhi Associations of America’ ٺهي آهي، سنڌين کي گڏ ڪرڻ لاءِ. توهان کي اُن جي ڄاڻ آهي؟**

**چنراءِ:** جتي ڪٿي سنڌي اَئسوسيئيشنس ٺهيون آهن. سنگاپور ۾ سنڌي اَيسوسيئيشن آهي. اِنڊونيشيا ۾ بہ آهي. فلپائين ۾ بہ آهي. لاگوس ۾ تہ گهڻي پاڳي آهن ئي سنڌي!

**جوَهراڻي:** **توهان جيڪو ڪجهہ جيون ۾ حاصل ڪرڻ چاهيو، ڇا اُهو سڀ مليو آهي؟**

**چنراءِ:** ها!

**جوَهراڻي:** **ڪا بہ تمنا باقي رهيل آهي يا من جون سڀ مرادون پوريون ٿيون آهن؟**

**چنراءِ:** نہ! ڪا بہ تمنا باقي ناهي! تنهن ڪري مان سڀ ڇڏي هتي بامبي ۾ رهان ٿو ۽ ’جسلوڪ‘ جي سنڀال ڪريان پيو! منهنجو وڏو ڀاءُ ان جو چيئرمن آهي. هوُ اناسي سالن جو آهي، پر روز اِسپتال ۾ ايندو آهي.

**جوَهراڻي:** **توهان پنهنجي جيون جي اَنڀوَ مان اَسان جي سنڌي سماج کي ڪو پيغام ڏيندا؟**

**چنراءِ:** پيغام ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي! پيغام ڏيڻ تہ سياڻن جو ڪم آهي! اَسان ۾ ڇا هي! اَسان جي پتا اَسان کي سيکاريو هئو تہ واپار منجهہ پنهنجي گراهڪ سان، سپلائر سان، پائيوار سان، پنهنجي Employees سان سچائيءَ سان هلجو! ڪڏهن بہ ڪنهن کي ٺڳڻ جي ڪوشش نہ ڪجو! ٻيو تہ حساب ڪتاب هميشه Up-to-date هئڻ کپي!

’بہ پائر، ٿيون ليکو!‘

چوندو هئو، تہ ”مرلي! مان توکي لکان ٿو تہ مونکي Shoes جو Pair موڪل. تون اهي جيڪڏهن پنهنجي ڪاتي لکندين تہ مان وري توکي ڪونہ چئي سگهندس. ان ڪري منهنجي ڪاتي ۾ لک! تون مون کان ڪجھہ گھرائيندين تہ مان تنهنجي ڪاتي ۾ لکندس! اهو حساب تمام ضروري آهي!“

**جوَهراڻي:** **سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي واڌاري لاءِ ڪجھہ سنديش ڏيڻ چاهيندا؟**

**چنراءِ:** مان خود سنڌي ٻوليءَ جو اَهڙو ڄاڻو ڪونہ آهيان! چاهيان ٿو تہ هجان ها! پر چاهيندس تہ اَسان جا ٻار بہ سٺي سنڌي سکن. ڇو جو اَسان جو گهڻو ئيLiterature سنڌيءَ ۾ آهي؛ جنهن کي پڙهي لاڀ وٺي سگهجي ٿو.

**جوَهراڻي:** **ڀڳوان توهان جي عمر دراز ڪري! پر جيڪڏهن توهان کي وري ٻيو جنم ملي تہ توهان ڪهڙي جاتيءَ ۾ جنم وٺڻ چاهيندا؟**

**چنراءِ:** سنڌي سماج! ان ۾ تہ ڪو شڪ ئي ڪونهي!

**جوَهراڻي:** **وڏي مهرباني! توهان پنهنجو قيمتي وقت ڏنو. پنهنجي جيون جي اَنڀو ۽ آزمودن کان واقف ڪيو. سنڌي سماج لاءِ توهان جون شيوائون اِتهاسڪ يوگدان آهن. سنڌي سماج ڪڏهن بہ ان کي وساري نہ سگهندو! توهان جي وڏي مهرباني!**

**چنراءِ:** رام! توهانجي بہ مهرباني!